آزاد نظم :

## حال اورڻ !

ڀهڙيئي دفعا
اکين تي ويندو آهي
ڪجھ ٻڌائڻ لاءِ
تڙڦندي آهي دل
مگر اڳلي کي وقت
هوندو نہ آ
يا
سندس من بہ هوندو نہ آ
اهو ڪجھ ٻڌڻ لاءِ!
تڏهن،
پاڻ سان اوريو آ
پاڻ کي ئي ٻڌائڻ تي
دل ٿيندي آ
نہ تہ ٻيو رستو ئي آهہ ڪهڙو؟





## نوان گهاو-پراڻيون چوٽون

نوان گهاوَ جيءَ نِتُ
نيون پر پراڻيون ئي چوٽون،
لڳي هڪ مثال بہ،
عجب آهہ احساس
مگر پوءِ بہ آهيان
اڪيلي ڏڪيل،
ڪٿي نيندا - مان ڪجھ بہ
جاڳان نٿي
جيئڻ لاءِ انسان کي
ڪجھ نہ هوندو؟
نہ تہ تہ چو نہ تو هرڪو پل
تن جو ياري ٿئي
چو نہ ڪن ڪن ۾
تن کي لڳن ٿيون شيون؟